# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1972
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1972
# اولهہ پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
# THE WEST PAKISTAN FISHERIES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1961 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XXX جي دفعہ 4 جي تبديلي
Substitution of Section 4 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961

3. 1961 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XXX جي دفعہ 26 جي ترميم
Amendment of Section 26 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1972
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1972
## اولهہ پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
## THE WEST PAKISTAN FISHERIES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

[20 اپريل 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي،

هاڻي تنهن ڪري، 25 مارچ 1969 جي مارشل لا لاڳو ٿيڻ واري اعلان موجب، عبوري آئيني حڪم نامي جي روشني ۾ ۽ مٿي ڄاڻايل سمورن اختيارن مطابق سنڌ جي گورنر ۽ زون "D" جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1961 جي اولهہ

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ مک آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 4 لاءِ هي دفعہ هيٺين ريت متبادل

| | |
|---|---|
| ٿيندو يعني:<br>(نجي پاٽي ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي پاٽي کي ليز ڏيڻ جا ڊسٽرڪٽ ڪائونسل بابت اختيار) "4. (1) ڊسٽرڪٽ ڪائونسل اهڙي عرصي لاءِ جنهن جو مدو ٽي سالن کان وڌيڪ نہ هجي، نجي پاٽيءَ ڪانسواءِ ڪنهن پاٽيءَ ۾ اهڙين شرطن تي جيئن بيان ڪيو ويو هجي مڇي مارڻ جي حق ڏيڻ لاءِ ليز ڏئي سگهي ٿي.<br>(2)ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن تحت حڪومت کي واجب الادا رقم ۽ اهڙي واجب الدا ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ مهيني جي رهت، ليند روينيو جي رهتن جي مد مطابق اوڳاڙي ويندي." | پاڪستان آرڊيننس XXX جي دفعہ 4 جي تبديلي<br>Substitution of Section 4 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961 |
| 3.مک آرڊيننس جي دفعہ 26 ۾ ذيلي دفعہ (2) جي شق (d) ۾ لفظن "ڊائريڪٽر آف فشريز" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ ڪائونسل" متبادل ٿيندا.<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | 1961 جي اولھہ پاڪستان آرڊيننس XXX جي دفعہ 26 جي ترميم<br>Amendment of Section 26 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961 |